SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 1989

SINDH ACT NO.XI OF 1989

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989

THE SINDH PUBLIC SURVICE COMMISSION ACT, 1989

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)

دفعات (Sections)

1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

2. وصفون
Definitions

3. ڪميشن جي جوڙجڪ
Composition of commission

4. چيئرمين ۽ ميمبرن جي مقرري
Appointment of Chairman and Members

5. چيئرمين ۽ ميمبرن جي ملازمت جون شرطون ۽ ضابطا
Terms and conditions of service of Chairman and Members

6. چيئرمين ۽ ميمبرن جي برطرفي
Removal of Chairman and Members

7. ڪميشن جا ڪم

Functions of Commission

8. ڪميشن کي اطلاع ڪيو ويندو جڏهن ان جي صلاح نہ مڃي وڃي

Commission to be informed when its advice not accepted

9. ڪميشن جي رپورٽ

Report of the Commission

10. قاعدا جوڙڻ جو اختيار

Powers to make rules

11. ضابطا

Regulations

12. منسوخي

Repeal

سنڌ ايڪٽ نمبر XI مجريہ 1989

SINDH ACT NO.XI OF 1989

سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989

THE SINDH PUBLIC SURVICE COMMISSION ACT, 1989

[7 آگسٽ 1989]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي ڪجهه منسوخ ڪري ۽ ڪجهه تبديليون آڻي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس (1978 جو سنڌ آرڊيننس VI) لاڳو ڪيو ويندو.

جيئن تہ ڪجهه منسوخ ڪري ۽ ڪجهه تبديليون آڻي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس (1978 جو سنڌ آرڊيننس VI) لاڳو ضروري ٿي پيو آهي؛

ان ڪري هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

مختصر عنوان ۽ شروعات

Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن ايڪٽ، 1989 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور لاڳو ٿيندو.

وصفون

Definitions

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نہ هجي، تيستائين–

(a) "ڪميشن" مطلب هن ايڪٽ تحت قائم ڪيل سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن؛

(b) "حڪومت" مطلب سنڌ حڪومت؛

(c) "ميمبر" مطلب ڪميشن جو ميمبر ۽ جيستائين مفهوم ڪجهه ٻيو نه گهري، ان ۾ شامل آهي چيئرمين به؛ ۽

(d) "بيان ڪيل" مطلب هن ايڪٽ موجب قاعدن ۾ بيان ڪيل.

ڪميشن جي جوڙجڪ
Composition of commission

3. (1) سنڌ صوبي لاءِ هتي هڪ پبلڪ سروس ڪميشن هوندي، جنهن کي سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن سڏيو ويندو.

(2) ڪميشن چيئرمين ۽ ميمبرن جي ايتري انگ تي مشتمل هوندي، جيئن حڪومت طئي ڪري.

(3) اڌ کان گهٽ نه، ميمبر اهڙا هوندا جن سرڪاري ملازمت ۾ گهٽ ۾ گهٽ ويهه سال نوڪري ڪئي هجي.

چيئرمين ۽ ميمبرن جي مقرري
Appointment of Chairman and Members

4. (1) چيئرمين ۽ ميمبر حڪومت طرفان مقرر ڪيا ويندا.

(2) ميمبرن جي آفيس رکڻ جو مدو پنجن سالن کان وڌيڪ نه هوندو؛

بشرطيڪ ميمبر ٻيهر مقرر ڪيو ويندو، جيڪو مدو ٽن سالن کان وڌيڪ نه هوندو.

(3) ميمبر حڪومت کي پنهنجي هٿ اکرين لکت ۾ پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ ڏئي سگهي ٿو.

چيئرمين ۽ ميمبرن جي ملازمت جون شرطون ۽ ضابطا
Terms and conditions of

5. (1) چيئرمين ۽ ميبر جي ملازمت جون شرطون ۽ ضابطا اهڙيءَ ريت هوندا جيئن حڪومت طرفان طئي ڪيا ويندا؛

بشرطيڪ شرطون ۽ ضابطا چيئرمين ۽ ميمبر جي آفيس جي مدي دوران انهن جي نقصان ۾ نه تبديل ڪيا ويندا.

(2) عهدو ڇڏڻ تي، هڪ ميمبر سرڪاري نوڪري ۾ يا

خودمختيار ڪارپوريشن يا قانون موجب حڪومت طرفان قائم ڪيل بادي ۾ يا ٻي صورت ۾ ٻيهر مقرري لاءِ اهل نہ هوندو:

service of Chairman and Members

بشرطيڪ هن ذيلي دفعہ ۾ ڪجهہ بہ اهڙو شامل نہ هوندو جيڪو هڪ ميمبر کي چيئرمين ٿيڻ کان روڪيندو.

بشرطيڪ وڌيڪ تہ هن ذيلي دفعہ ۾ شامل ڪجهہ بہ ميمبر تي لاڳو نہ ٿيندو جيڪو ميمبر طور مقرري کان فوري اڳ، وفاقي سرڪاري نوڪري ۾ هيو ۽ سول ملازم طور قانون موجب سپر اينوئيشن جي عمر تائين نہ پهتو هو.

چيئرمين ۽ ميمبرن جي برطرفي

Removal of Chairman and Members

6. (1) جيڪڏهن حڪومت ان خيال جي آهي تہ چيئرمين يا ميمبر، طبي يا ذهني ناموزونيت سبب، پنهنجون ذميواريون نڀائڻ جي لائق ناهي يا بدعنواني جو ڏوهي آهي، حڪومت معاملي جي جاچ ڪرڻ لاءِ هاءِ ڪورٽ جو هڪ جج مقرر ڪندي.

(2) جيڪڏهن جاچ ڪانپوءِ، جڏهن رپورٽ جمع ڪري ٿو تہ چيئرمين يا ميمبر سندس ذميواريون نڀائڻ جي اهل ناهي يا بدعنواني ۾ ملوث آهي، تہ حڪومت دفعہ 4 جي گنجائشن موجب اهڙي چيئرمين يا ميمبر کي هٽائي سگهي ٿي.

وضاحت: هن ذيلي دفعہ جي مقصدن لاءِ "بدعنواني" مطلب اهو عمل جيڪو نوڪري جي ضابطي جي حڪم کان مٿانهون هجي يا سنڌ صوبي جي سول ملازمن تي لاڳو ضابطي وارن قاعدن سان تڪراري هجي يا هڪ عملدار يا بااخلاق ماڻهو نہ رهي ۽ جنهن ۾ شامل آهي چيئرمين يا ميمبر طور ڪو قدم يا سياسي عمل يا ٻاهران ڪو سڏيءَ ريت يا اڻ سڏيءَ ريت حڪومت تي اثر ڇڏي يا حڪومتي عملدار تي

اثر انداز ٿئي، سندس ٻيهر مقرري جي معاملي جي سلسلي ۾ جهڙو چيئرمين ۽ ميمبر، سزا، رٽائرمينٽ يا سندس ملازمت جون شرطون ۽ شامل آهن:

(i) بداخلاقي جي ڏوهه ۾ ملوث هئڻ تي؛

(ii) وڏي ڪري فرقيواريت، ذات پات يا سياسي تڪرارن ۾ حصو وٺڻ؛

(iii) ڪميشن جي معاملن سان لاڳاپيل ضابطن جي مسلسل بي حرمتي ڪرڻ؛

(iv) عهدي ۽ رتبي جي مناسبت سان بهتر رهڻي ڪهڙي اختيار ڪرڻ.

(3) هن دفعه تحت جاچ جي مقصد لاءِ جج کي سول پروسيجر، 1908 (1908 جي ايڪٽ V) تحت سول ڪورٽ جا اختيار هوندا، هيٺين معاملن جي سلسلي ۾، يعني:

(i) ڪنهن به شخص جي حاضري کي يقيني بڻائڻ ۽ حلف تي ساک وٺڻ؛

(ii) وڃايل دستاويزن جي طلبي؛

(iii) حلف تي شاهدي وٺڻ؛

(iv) شاهدي يا ڪاغذن جي جاچ لاءِ ڪميشن جوڙڻ؛

ڪميشن جا ڪم

Functions of Commission

7. ڪميشن جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(i) شروعاتي مقرري لاءِ ڀرتي لاءِ ٽيسٽون ۽ امتحان منعقد ڪرڻ-

(a) صوبي سنڌ جي معاملن سان لاڳاپيل اهڙيون آساميون؛

(b) اهڙيون آساميون ڪارپوريشن ۾ يا ان جي هٿ هيٺ يا ٻي ڪنهن خودمختيار بادي يا ڪنهن قانون تحت حڪومتي تنظيمي سيٽ اپ ۾، جيئن به ڄاڻايو ويو هجي.

(ii) حڪومت کي مشورو ڏيڻ:

(a) معاملا جيڪي اهليت سان لاڳاپيل هجن ۽ پرتي جو طريقيڪار اهڙين آسامين تي جيڪي شق (i) ۾ چاٽايل هجن، ۽

(b) اهڙو ٻيو ڪو معاملو جيڪو حڪومت ڪميشن ڏانهن اماڻي سگهي ٿي.

(iii) اهڙو محڪماتي يا لساني امتحان وٺڻ، جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

ڪميشن کي اطلاع ڪيو ويندو، جڏهن ان جي صلاح نه مڃي وڃي

Commission to be informed when its advice not accepted

8. جتي حڪومت ڪميشن جو مشورو قبول نه ڪندي تہ اتي ڪميشن کي سبب سان گڏ اهڙي چاڻ ڏيندي، جيڪڏهن ڪو هجي.

ڪميشن جي رپورٽ

Report of the Commission

9. (1) ڪميشن حڪومت کي سال دوران ڪيل ڪم بابت سالياڻي رپورٽ پيش ڪندي.

(2) ذيلي دفعہ (1) تحت رپورٽ سان گڏ هڪ يادداشت نامو بہ هوندو، جنهن ۾ ڪميشن پنهنجي معلومات مطابق نوان هدف تجويز ڪندي.

(a) ڪيسز، جيڪڏهن ڪي هجن، جن ۾ ڪميشن جي صلاح قبول نه ڪئي وئي ۽ ان جا سبب.

(b) معاملا، جيڪڏهن ڪي هجن، جن ۾ ڪميشن سان مشورو ڪرڻ گهرجي ها پر مشورو نه ڪيو ويو ۽ ان جا سبب.

(3) حڪومت رپورٽ جي ڪاپي صوبائي اسيمبلي سامهون پيش ڪرڻ جو چئي سگهي ٿي.

قاعدا جوڙڻ جو اختيار
Powers to make rules

10. حڪومت، سرڪاري گزيٽ ۾ نوٽيفڪيشن ذريعي، هن ايڪٽ جا مقصد پورا ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

ضابطا
Regulations

11. ڪميشن پنهنجي ڪمن ۽ هن ايڪٽ تحت سونپيل ڪاروهنوار کي جاري رکڻ لاءِ ضابطا جوڙي سگهي ٿي.

منسوخي
Repeal

12. سنڌ پبلڪ سروس ڪميشن آرڊيننس، 1978 کي منسوخ ڪيو وڃي ٿو.

نوٽ:ـ ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.